# فلسفو ڇا آهي؟

اياز علي شيخ

---

ڪارل مارڪس ۽ فيڊرڪ اينگلس دنيا جا پهريان اهي ٻه عظيم جرمن مفڪر، مدبر، ڏاها ۽ فلسفي هئا، جن پنهنجي غيرمعمولي ۽ اٿاهه علم، عقل، ڏاهپ ۽ مطالعي جي بنياد تي، انسان ذات کي ”فلسفي“ جو علم ڏيئي، ڪائنات جي مبهم پيچيدگين تان ئي پردا ڪٽائي ڇڏيا. جيتوڻيڪ فلسفي جو علم توڙي سندس سرجيندڙ فيلسوف مارڪس ۽ اينگلس کان اڳ به هئا. پر جيئن ته اهي فيلسوف تصوريت پسند (Idealist) هجڻ ڪري هميشه پنهنجي هر عمل ۾ سوچ، خيال ۽ تصور کي ئي بنيادي اهميت ڏيندا هئا، جنهن ڪري انهن تصوري فيلسوفين فلسفي جي علم کي به مورڳو تصوراتي خولن منجهه ڦاسائي، ڪيس امير ۽ شاهوڪار طبقي جي طبقاتي مفادن تحت ئي استعمال پئي ڪيو.

جڏهن ته وري مارڪس ۽ اينگلس اڻويهين صديءَ جا اهڙا مادي / سائنسي مفڪر ۽ فيلسوف ثابت ٿيا، جن پنهنجي گڏيل علمي پورهئي جي ذريعي، فلسفي جي علم کي تصوراتي خولن منجهان ڪڍي، ڪيس چنڊي ڇاڻي، ناهي نڪي، مادي دنيا سان نهڪندڙ بڻائي، منجهس جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) جهڙا نت نوان واڌارا آڻي، سائنسي طور تي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته اهو فلسفو، اهو علم ۽ اها سائنس، جنهن کي هن وقت تائين تصوري فيلسوف صرف سيٺين ۽ سرمائيدارن جي طبقاتي ڦورو مفادن واسطي استعمال پئي ڪيو، اها هاڻي ڪائنات جي اٿاهه اڪثريت يعني دنيا جي ڪروڙين غريب، مظلوم، مزدور ۽ پورهيت عوام جي عوامي ۽ طبقاتي مفادن واسطي به استعمال ٿي سگهي ٿي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته خود فلسفو ڇا آهي!؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ کان پهريان اها ڳالهه هتي نوٽ ڪرڻ گهرجي ته فلسفي جي علم جا به ڪيترائي معيار، ماپا ۽ قسم هجن ٿا، سيٺين ۽ سرمائيدارن جي طبقاتي مفادن جي بچاءَ ۽ دفاع

وارو فلسفو پڻ هجي ٿو. جدلياتيماديت جو فلسفو هن ڪائنات / دنيا جو اهو واحد فلسفو آهي، جيڪو نہ صرف مظلوم، مزدور ۽ پورهيت عوام جي طبقاتي مفادن جو بچاءُ ۽ دفاع ٿو ڪري، پر مٿانئس حڪمراني ڪندڙ ظالم ۽ ڦورو طبقي کي بہ علمي طور تي شڪست ڏيڻ جي سگهہ ۽ صلاحيت رکي ٿو.

اسان وٽ هتي جدلياتي ماديت جي فلسفي کي تمام گهڻو ڏکيو، ڳوڙهو ۽ خشڪ نوعيت جو سمجهيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسان وٽ سنڌي ۾ (Dialectical Materialism) جي فلسفي تي بنهہ گهٽ لکيو ۽ پڙهيو ويو آهي. جيتوڻيڪ فلسفي جو علم پنهنجي ڪارج جي لحاظ کان ٿورو گهڻو ڏکيو، ڳوڙهو، ۽ پيچيده ضرور آهي (جو تہ اهو هتان جي پيداوار ناهي، پر اهو يورپ جي مخصوص حالتن جي پيداوار آهي، جنهن ڪري هتان جي مختلف ماحول ۽ بدليل حالتن ۾ ڪيس پوري طرح سمجهڻ ۾ تہ ضرور ٿوري گهڻي ڏکيائي پيش ايندي.) پر هروڀرو بہ ايترو ڏکيو، ڳوڙهو ۽ پيچيده ناهي جو پڙهڻ يا ٻڌڻ سان وايون بتال ٿيو وڃن.

# فلسفو ڇا آهي؟!

جو گهربل جواب ٿورن لفظن / اکرن ۾ هن ريت ڏئي سگهجي ٿو تہ فلسفي جو علم هن وشال ۽ اڻ ڪٿ ڪائنات، ان جي فطرت، قدرت ۽ ٻين ڪائناتي لقائن جي سولي، سادي ۽ سهنجي سمجهاڻي ڏيڻ جو هڪڙو سائنسي علم آهي. هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ ان جا ڪهڙا قانون آهن؟ زندگي ڇا آهي؟ زندگي ۽ موت جا ڪهڙا اسرار آهن؟ مرڻ پڄاڻان ڇا ٿو ٿئي؟ سماج ڇا آهن؟ سماج ڇو ٿا تبديل ٿين؟ سماجي انقلاب ڇو ٿا اچن؟ فلسفي جو علم اسان کي انهن مٿين مڙني مبهم ۽ عقل چرخ ڪندڙ سوالن جا جواب پڻ مختلف متضاد مادي ۽ تصوري طريقن سان نهايت ئي سادي طريقي سان ڏئي ٿو.

هن ڪائنات جي پيدائش بابت ماديت (Materialism) ۽ تصوريت (Idealism) جا بہ ڌار ڌار ۽ مختلف نقطہ نظر آهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ ڪهڙو نقطہ نظر علمي، عقلي، سائنسي ۽ نهڪندڙ آهي ۽ ڪهڙو نقطہ نظر غيرعلمي، غيرعقلي، غيرسائنسي ۽ اڻ نهڪندڙ آهي. تصوريت پرست چون ٿا تہ هي ڪائنات ڪنهن غيبي خيال منجهان پيدا ٿي آهي، تنهنڪري هن ڪائنات ۾ خيال ۽ تصور ئي بنيادي اهميت رکن ٿا ۽ اهي ئي هن ڪائنات جي پيدائش جا اصل محرڪ آهن. جڏهن ته ماديت پرست (Materialists) نوس دليلن جي ذريعي تصوريت پرستن

جي مٿين دعوىٰ کي رد ڪندي چون ٿا تہ هي ڪائنات ڪنهن غيبي خيال يا تصور منجهان نہ پر صرف ۽ صرف مادي منجهان ئي پيدا ٿي آهي، تنهنڪري هن ڪائنات ۾ مادو ئي بنيادي اهميت جو حامل آهي ۽ مادو ئي هن ڪائنات جي پيدائش جو اصل محرڪ آهي.

## مادو بنيادي آهي يا خيال؟!

مادو خيال منجهان پيدا ٿيو آهي يا خيال مادي منجهان! اچو تہ پاڻ ان لاءِ هڪڙو مثال وٺون. فرض ڪريو تہ اسين ڪنهن ڪرسي کي ڏسي چئون ٿا تہ هيءَ ڪرسي آهي. هيءَ ڪرسي چو آهي!؟ چو ٿا اسين ائين چئون تہ هيءَ ڪرسي آهي!؟ ڪرسي جو اهو خيال يا اهو تصور ڪٿان پيدا ٿيو؟ جنهن اسان کي ائين چوڻ تي مجبور ڪري وڌو تہ هيءَ ڪرسي آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ ڪرسي جي مادي وجود جو عڪس / اولڙو اسان جي ذهن / دماغ ۾ منتقل ٿيو. دماغ ۾ ڇا آهي؟ ميجالو آهي! ميجالو ڇا آهي؟ مادو آهي! جڳهہ ٿو والاري ۽ وزن ٿو رکي! اهڙي طرح ڪرسي جي مادي وجود جو عڪس اسان جي دماغ ۾ منتقل ٿي وڃڻ سان اسان جي ميجالي (يعني مادي) مان اهو خيال پيدا ٿيو تہ هيءَ ڪرسي آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن ڪرسي جو مادي وجود ئي نہ هجي ها يا وري دماغ ۾ ميجالو / مادو ئي نہ هجي ها تہ پوءِ اسين اهو ڪيئن چئي سگهون ها تہ هيءَ ڪرسي آهي. ان مثال مان اها ڳالهہ ظاهر ۽ پڌري ٿئي ٿي تہ هن ڪائنات ۾ مادو ئي بنيادي اهميت رکي ٿو، جيڪو ڪنهن تصور وغيره جو محتاج ئي نہ آهي. جڏهن تہ وري خيال / تصور / سوچ وغيره هن ڪائنات ۾ ثانوي حيثيت رکي ٿي. ڇو تہ خيال / تصور / سوچ مادي وجود جي ئي محتاج رهي ٿي. هاڻي جڏهن بغير مادي جي ڪوبہ خيال / تصور پيدا ئي ٿي نٿو سگهي، بلڪ اهو مادي وجود سان ئي مشروط ٿيندي، مادي منجهان ئي پيدا ٿئي ٿو تہ پوءِ اسين اهو ڪيئن ٿا چئي سگهون تہ خيال بنيادي آهي ۽ مادو ثانوي! تسليم ڪجي تہ خيال ۽ تصور جي ڀيٽ ۾ مادو ئي بنيادي شئي آهي ۽ هن ڪائنات جي پيدائش جو اصل محرڪ بہ مادو ئي آهي نہ ڪي خيال يا تصور!

اسين جڏهن جدلياتيماديت جي ڳالهہ ٿا ڪريون، يعني مادي جي جديد سڃاڻپ جي جڏهن نشاندهي ٿا ڪريون تہ اتي اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ خود جدليات ڇا آهي؟ ڪهڙي شئي آهي؟ ڪهڙو علم آهي؟ اصل ۾ جدليات (Dialectics)

هن ڪائنات جي هر هڪ شئي، مظهر، حقيقت ۽ لقاءَ ڪي عملي طور تي چرپر ۾ آڻڻ وارن فطري قانونن جي اڀياس جو هڪڙو سائنسي علم آهي.

جيتوڻيڪ جدليات ۽ ان جا قانون جرمني جي مشهور دانشور ۽ فلسفي ڊاڪٽر هيگل ئي مرتب ڪيا هئا، پر جيئن ته ڊاڪٽر هيگل به ان وقت جي ٻين روايتي دانشورن ۽ فيلسوفين وانگر هڪ تصوريت پرست فيلسوف / دانشور هو. جنهن جدليات جا قانون ته دريافت ڪري ورتا هئا پر پنهنجي تصوري نظرئي پٽاندر، انهن کي مٿي پير اونڌو ۽ ابتو ڪري بيهاري ڇڏيو هو. جنهن ڪان پوءِ لڳ ڀڳ اڻويهين صديءَ ۾ ڪارل مارڪس ۽ فيڊرڪ اينگلس جهڙن ترقي پسند / ماديت پرست فيلسوفين پنهنجي علم جي اوزارن سان ڊاڪٽر هيگل جي مرتب ڪيل جدلياتي قانونن جي ڪوتن، خامين ۽ اوڻائين کي تپاسي، چڪاسي، ڪين تصوري خول منجهان ڪڍي، مادي بنياد فراهم ڪري، ڪين عمل جوڳو بڻايو.

جدليات چوي ٿي ته هن ڪائنات ۾ ڪابه شئي جامد، ساڪن ۽ مطلق ڪونهي. هر هڪ شئي چرپر ۾، حرڪت ۾ ۽ تحرڪ ۾ آهي ۽ گڏوگڏ تبديل ٿيندي رهي ٿي. جدليات جو اهڙو نقطہ نظر انهن جامد ذهن رکندڙ ماڻهن جي رجعت پسند ۽ مايوس ڪن سوچ کي ڪاپاري ڌڪ ٿو رسائي، جيڪي چوندا آهن ته ”ڪجهه به نه ٿيندو“! هي ظالم، جاگيرداراڻو سماجي نظام جيئن جو تيئن ئي رهندو. منجهس ڪنهن به قسم جي ڪابه تبديلي نه ايندي. تبديلي لاءِ پاڻ پتوڙڻ اجايو آهي. ڇو ته ڪجهه به نه ٿيندو. پر جدليات اهڙي غيرعلمي، غيرعقلي، غيرسائنسي ۽ جاهلاڻي سوچ کي رد ڪري، هڪ نت نئون جوش، جذبو ۽ اتساهه ڏيارائي چوي ٿي ته ”ڪجهه نه ڪجهه اوس ٿيندو!“ ڇو ته هر هڪ شئي چرپر ۾ آهي، حرڪت ۾ آهي، تحرڪ ۾ آهي ۽ پڻ تبديل ٿيندي رهي ٿي.

تلهي ليکي جدلياتي ماديت جو فلسفو هن ڪائنات، ان جي فطري لقائن ۽ قانونن کي صحيح ۽ سائنسي طريقي سان سمجهڻ جو هڪڙو صحيح سائنسي علم آهي ۽ گڏوگڏ هن ڪائنات جي غريب، مظلوم، مزدور ۽ پورهيت عوام جي اڪثريت جي طبقاتي ويڙهه توڙي جدوجهد جو هڪڙو تخليقي، فڪري ۽ نظرياتي هٿيار پڻ آهي، جنهن کي وقت ۽ حالتن آهر صحيح ۽ سائنسي طريقي سان استعمال ڪري، پورهيت عوام جي حق ۾ وڏا وڏا سماجي انقلاب ۽ وڏيون وڏيون سماجي تبديليون آڻي سگهجن ٿيون.

●●●

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books